ماڊل پيپر ٢٠١٨ع

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفيڪيٽ امتحان ٢٠١٨ع ۽ آئينده جي لاءِ

01

## سنڌي سليس(لازمي)

ڪلاس نائون سائنس ۽ جنرل گروپ

وقت: اڌ ڪلاڪ                                        ڪل مارڪون: ١٥

### حصو "الف" (گھڻ چونڊائتا سوال)

هدايتون: (i) سيني سوالن جا جواب گھربل آهن.

(ii) سوال ڪاپيءَ ۾ نہ لکو. پرچي مطابق سوال جو صحيح نمبر لکي ان جي سامهون صرف جواب ڏيو.

(iii) هر سوال هڪ مارڪ جو آهي.

(iv) توهان کي جيڪو پرچو مليو آهي ان جو ڪوڊ نمبر وڏن اکرن ۾ پنهنجي ڪاپيءَجي شروعات ۾لکو.

١. هيٺ ڏنل هرهڪ سوال لاءِ صحيح جواب چونڊيو:

(i) هاري نظر جو شاعرآهي:

(☆) سچل سرمست (☆) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ

(☆) محمّد رمضان (☆) عبدالڪريم گدائي

(ii) قدرت توهان کي سيکجھ آهي:

(☆) ڏنو (☆) مليو (☆) گھريو (☆) ڪسيو

(iii) نصرپور ۾ ڪينترائي آڏاٽا هئا:

(☆) ڪپڙن اٽڻ جا (☆) سونَ جا (☆) اجرڪن جا (☆) ريشم جا

(iv) بين الاقوامي عدالت ۾ جج آهن:

(☆) نَوَ (☆) ڏهہ (☆) پندرهن (☆) پنجويهہ

(v) حضرت امام جعفر صادقؑ جي وفات جو سن آهي:

(☆) ٨٠ هجري (☆) ٩٠ هجري

(☆) ١٤٨ هجري (☆) ١٨١ هجري

(vi) ايران ۾ ان وقت مذهب جو زور هو:

(☆) زرتشت (☆) يهودي

(☆) اسلام (☆) عيسائي

(هلندڙ)

(vii) شاعر محمد صديق مسافر ڄائو هو:

(☆) ١٨٢٧ع ۾ (☆) ١٨٧٩ع ۾ (☆) ١٤٩٠ع ۾ (☆) ١٧٥٢ع ۾

(viii) ٽالپرن جي دؤر جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي:

(☆) سچل سرمست (☆) شاهہ عبدالڪريم

(☆) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ (☆) قاضي قاضن

(ix) بين الاقوامي عدالت جو پهريون اجلاس ٿيو:

(☆) ١٩٢٠ع ۾ (☆) ١٩٢٧ع ۾ (☆) ١٩٤٢ع ۾ (☆) ١٩٤٦ع ۾

(x) مولانا وفائيءَ الوحيد اخبار جاري ڪئي:

(☆) ١٩٢٠ع ۾ (☆) ١٩٢١ع ۾

(☆) ١٩٢٢ع ۾ (☆) ١٩٢٣ع ۾

(xi) حضرت سلمان فارسيؓ سمورو مال ڏنو:

(☆) قافلي وارن کي (☆) گهر وارن کي

(☆) دوستن کي (☆) پاڙيوارن کي

(xii) ميرن کيچ مان هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس کي گهرايو هو، سن:

(☆) ١٨٢٧ع ۾ (☆) ١٩٢٧ع ۾

(☆) ١٩٢٨ع ۾ (☆) ١٩٢٩ع ۾

(xiii) ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ ضرورت هوندي آهي:

(☆) عمل جي (☆) اتحاد جي

(☆) ايمان جي (☆) قربانيءَ جي

(xiv) ازرق جي معنيٰ آهي:

(☆) نيرو رنگ (☆) ڳاڙهو رنگ

(☆) ناسي رنگ (☆) ڪارو رنگ

(xv) سير ۽ سفر جو ڪوڏيو هو:

(☆) سچل سرمست (☆) محمّد رمضان

(☆) عبدالڪريم گدائي (☆) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ

# سنڌي سليس(لازمي)

## ڪلاس نائون سائنس ۽ جنرل گروپ

وقت: اڍائي ڪلاڪ | ڪل مارڪون: ٦٠

هدايتون: هي پيپر مختصر جواب جي سوالن (حصو"ب") ۽ بياني جواب جي سوالن (حصو "ج") تي مشتمل آهي ۽ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڏنو ويندو. ان جو ڪل وقت اڍائي ڪلاڪ آهي.

## حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) مارڪون ٣٠

٢. ڪن به پنجن سوالن جا جواب لکو:- ١٠

(i) پاڻ سڳورن ﷺ اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟

(ii) حضرت سلمانؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟

(iii) قائداعظم شاگردن کي نصيحت ڪندي ڪهڙين ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو آهي؟

(iv) عربن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جا ڪهڙا اهڃاڻ ملن ٿا؟

(v) ڳوٺ جي تباهي ڏسي ارشد دل ۾ ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

(vi) نصرپور ۾ ڇا جا آڏاٽا هئا؟

(vii) شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟

(viii) اسلام جي ڪلمي لاءِ شاعر ڪهڙي دعا ٿو گهري؟

٣. هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ڇهن لفظن جا جملا ناهيو:- ٦

پڌرنامو ، ڪارڻ ، فاجر ، ڪيٻائڻ

عمل پيهم ، اوج ، ڪيچ ، سونهارا

٤.(الف) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به چئن لفظن جا ضد لکو:- ٤

پڇاڙي ، سخي ، ولادت ، ڪمال ، اُپ ، پيراندي ، نيڪي ، جهونن

(ب) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن لفظن جا واحد يا جمع لکو:- ٣

ڪرسي ، پائر ، دعا ، مورتيون ، جاءِ ، اک

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن لفظن جامذڪر يا مونث لکو:- ٣

مورُ ، جهرڪي ، ڪانويلي ، ڳهوٽ ، پڪي ، ڳيرو

(د) هيٺين مان ڪن به ٻن جي تعريف مثالن سان لکو:- ٤

اسم عام ، ظرف ، حرف جر ، ضمير متڪلم

## حصو "ج" (تفصيلي جواب جا سوال) مارڪون ٣٠

٥. هيٺين مان ڪنهن به هڪ عنوان تي مضمون لکو:- ٥

(i) علم وڏي دولت آهي (ii) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

(iii) تندرستي هزار نعمت آهي

(هلندڙ)

٦. پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر/هيڊماستريائيءَ کي اسڪول ۾ ”سنڌ جي ثقافت جو ڏهاڙو“ ملهائڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو. ۵

يا

پنهنجي دوست/ساهيڙيءَ کي امتحان ۾ پاس ٿيڻ تي مبارڪباد جو خط لکو .

٧. هيٺ ڏنل شعرن مان ڪن به ٻن جي تشريح شاعر ۽ نظم جي حوالي سان ڪريو: ۵

(i) اسان جي دين ايمان کي سلامت رک، خداوند،
بـچائج تون مسلمانن جـي عزت آبرو هرجا.

(ii) منهنجو انــدر اڏ ڪيو فنــا هن فراق،
مَري ٿي مشتاق ڪا ڪر وَرَ وِلهيءَ جي.

(iii) منڙا وطنَ، تنهنجي مٿان سر ساهه سڀ گهوري ڇڏيان،
تنهنجو نہ مَٽ ڪو ديس پيو، محبوب مــوچارا وطن!

(iv) تنهنجي محنت لائـــي رنگ،
ڏک وڃن ٿئي سک جو سنگ

يا

هيٺ ڏنل بند جي تشريح نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو:-

مزورن ۽ ڪڙمين سان همڪار آهين،
فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين،
سڄي تون ٻين کي ڏئين ٿو سهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي.

٨. (الف) هيٺين مان ڪنهن به هڪ نظم جو مرڪزي خيال لکو: ۵

(i) وائي (ii) ٻڌايون سک جو ڪو سنسار (iii) نيڪي

(ب) هيٺين مان ڪن به ٽن اصطلاحن جي معنيٰ لکو: ۳

گوءِ ڪٽي وڃڻ ، هڙان ڏيڻ ، نقش قدم تي هلڻ ،
پاڻ ملهائڻ ، نينهن نڀائڻ ، ڳڻ ڳائڻ

٩.(الف) هيٺين مان ڪنهن به هڪ سبق جو خلاصو لکو:- ۴

(i) حجة الوداع اورو خطبو (ii) ميرن جي دربار (iii) نصرپور

(ب) هيٺ ڏنل پيراگراف جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪريو:- ۳

سنڌي زبان تمام قديم زبان آهي. آثارن ۽ اهڃاڻن مـــان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳاٽي زماني کان ئي سنڌي زبان ۾ علم ۽ ادب موجود هو. عـــــربن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عربن جي حڪومت جي دؤر ۾ قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيو هو.

يا

هيٺ ڏنل پيراگراف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو:-

دسویں ہجری سال کے ذوالحجہ مہینے میں حضرت محمد ﷺ نے تقریباً ایک لاکھ چالیس ہزار مسلمانوں کی جماعت کے ساتھ آخری حج ادا کیا۔ مناسک کی ادائیگی کے بعد آپ ﷺ نے عرفات کے میدان میں اونٹنی پر چڑھ کر خطبہ دیا۔